ولاڪ جون رولاڪيون

تازو مون ان کان پڇيو ته پنهنجي پهرين ملاقات ڪڏهين ٿي هئي ته هن مون کي جواب ڏنو ته شايد 1978 ۾ هڪ گڏيل دوست جي گهر ۾ .دوستن سان دوستي جي عرصي ۽ سن کي ياد رکڻ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاء هڪ ڏکيو مرحلو هونڌو آهي .ڇاڪاڻ ته اهو ناتو ئي اهڙو هونڌو آهي جو وقت جي حساب رکڻ جو موقعو ئي نه ملندو آهي پر هن کي اهو سڀڪجهه ياد هو .مون کي حيرت ٿي ته اسلم سان منهنجي دوستي کي اٽڪل چاليه سال ٿيڻ وارا آهن ۽ اها ڇڻ اڄا ڪالهوڪي ڳاله لڳي ٿي.

ان وقت اسان ڪجه دوست عوامي تحريڪ کان ڌار ٿيا هئاسين جڏهين ته اسلم ڊي ايس ايف سان لاڳاپيل هو .ان کان پوء مختلف موقعن تي اسلم سان ملاقاتون ٿينديون رهيون .حقيقت اها آهي ته ان وقت هو منهنجي لاء اهڙن نوجوان سياسي ڪارڪنن جيان هو جيڪي سياسي تنظيمن سان لاڳاپيل هونڌي به هڪ ڇڙواڳ زندگي گذاريندا هئا، کين پنهنجي سمهڻ اٿڻ ۽ کائڻ پيئڻ وغيره جي گهٽي پرواه نه هونڌي هئي .ان ڪري شروع ۾ آئون کيس گهٽي سنجيدگي سان نه وٺندو هوس ۽ نه ئي اسان ۾ ڪا گهٽي ويجهڙائپ هونڌي هئي .ان جو هڪ ڪارڻ اهو به هونڌو هو ته هڪ اڌ موقعي تي مون کي اهو محسوس ٿيو ته يا ته هي گهڻو حساس آهي ۽ يا احساس ڪمتري جو شڪار آهي .هڪ ادبي تقريب ۾ آئون ڪنهن دوست سان بيٺو هوس ته اسلم به اتي آيو .آئون شايد کيس ان وقت غيرارادي طور تي پوري توجه نه ڏيئي سگهيس ۽ ان دوست سان ئي ڳالهين ۾ لڳل رهيس.
نه رڳو هن اها ڳاله مون کي ان وقت ڇئي پر گهڻو عرصو مون کان پري به رهيو.

مون تي سندس نئون روپ ان وقت ظاهر ٿيو جڏهين مون هلال پاڪستان ۾ سندس ڪالم رولاڪ جي رائي پڙهڻ شروع ڪيا .جيتوڻيڪ لکڻ جي

حوالي سان اها شايد اڃا سندس شروعات هئي پر منهنجي آڏو هڪ پڪو پختو ۽ منفرد ليکڪ هو جنهن وٽ زندگي جا تجربا، نيون ڳالهيون ۽ نئون اسلوب هو .اهو سڀڪجهه اسلم لاء منهنجي رائي کي بدلائڻ لاء ڪافي هو. هو شايد اهڙن ٿورن سياسي ڪارڪنن مان هو جن پنهنجي رولاڪي کي هڪ مثبت نموني استعمال ڪندي ان کي تخليق جو ذريعو بڻايو هو .ان ڪالم کي جيتوڻيڪ گهڻو پسند ڪيو ويو پر هو ان کي گهڻي عرصي تائين جاري نه رکي سگهيو.

پنهنجي درويشاڻي هلت چلت جي باوجود هو وڏي ۾ وڏي ادبي ۽ سياسي حيثيت واري ماڻهو سان به برابري واري حيثيت ۾ پيش ايندو آهي .پنهنجي آزاد حيثيت تي هو ڪنهن به مصلحت کان ڪم نه وٺندو آهي .ان جو ڪارڻ شايد اهو آهي ته هو ڪنهن جي حيثيت مان به ڪو فائدو حاصل ڪرڻ ناهي چاهيندو .مون کي ياد ٿو پئي ته هڪ ڀيري هن مون کي ۽ ڊاڪٽر شمس سومرو کي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي ڪوئيٽا کان سبي تائين سائيڪل ريلي ۾ هلڻ جي دعوت ڏني هئي .ان ريلي ۾ ڊاڪٽر شيرشاه سيد ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل سان لاڳاپيل ڪراچي جا ٻيا ڊاڪٽر ۽ سندن ٻار شامل هئا .اسان ڪراچي کان ڪوئيٽا پهتاسين جتي ڪنهن هڪ اڌ گهمڻ جي پروگرام ۾ شمس کي ۽ مون کي نه ڇيو ويو .خير اسان جي لاء ته اها ڳالهه ڪا گهڻي اهميت جي حامل نه هئي پر اسلم ان کي گهڻو محسوس ڪيو ۽ ان ريلي جي منتظمين کي پڻ اهو احساس ڏياريائين جن نه رڳو ساڻس پر اسان سان به معذرت ڪئي.

اسلم انهن ڪجهه دوستن مان آهي جن کي خانداني دوست چئي سگهجي ٿو. اسان سڀني پائرن سان سندس ڪنهن نه ڪنهن نموني جو تعلق رهيو آهي. حسن سان ته سندس نهايت ويجهي دوستي آهي پر منهنجو وڏو ڀاء، جنهن جو ادب سان هڪ پڙهندڙ وارو تعلق هو، اسلم جي گهڻو ويجهو هوندو

هو .جيتوڻيڪ سندس وفات کي اٽڪل ڏه سال ٿي ويا آهن پر اسلم اجا به
مختلف موقعن تي ڪيس ياد ڪندو آهي .هو نه رڳو مختلف معاملن تي اسلم
سان ڳالهائيندو هو پر سندس ڪالم پڙهندو هو ۽ انهن تي لکت ۾ تنقيد به
ڪندو هو .ڪڏهين گهر ۾ جيڪڏهين حسن نه هوندو هو ته اسلم امان سان
ڪلاڪن تائين پيو ڪچهري پيو ڪندو هو ۽ پوء امان اهي احوال اسان
.سان ڪندي هئي

رولاڪي اجان تائين به اسلم جي شخصيت جو حصو آهي .وٽس ڪو
باقاعدي روزگار يا نوڪري ڪونهي .لکڻ پڙهڻ چڻ سندس روزگار به
آهي ۽ سندس زندگي گذارڻ جو طريقو به .ڪجھ عرصو هو حارث گذدر
.سان سندس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪن پروجيڪٽس تي ڪم ڪندو رهيو
مختلف ڪتابن ۽ مضمونن وغيره جي ترجمي جو ڪم سندس لاء رڳو
روزگار جو ذريعو ناهي پر اهو ساڳي وقت ادبي ۽ سياسي مقصدن جو
پورائو پڻ ڪري ٿو .ڪجھ عرصو اڳ هڪ شادي ۾ ملاقات جي موقعي
تي ڳالهين ڪندي مون ڪيس چيو ته اسان جي پيٽ ۾ تنهنجي زندگي گهڻي
بي ترتيب ۽ غير منظم آهي جيڪا تنهنجي ڪم ۾ به رنڊڪ جو باعث بڻجي
ٿي .سندس جواب ڏاڍو منفرد ۽ منطقي هو .سندس چوڻ هو ته ڳاله ان جي
ابتڙ آهي .توهان پنهنجو سڄو ڏينهن پنهنجي دفتر ۾ گذاري گهر اچو ٿا ۽ پوء
گهر وارن کي وقت ڏيڻ کان پوء ڪلاڪ به مشڪل سان پنهنجي لکڻ
پڙهڻ جي ڪم کي ڏيئي سگهو ٿا جڏهين ته مون تي اهڙي قسم جي ڪابه
پابندي ناهي .آئون پنهنجي مرضي موجب جيڏي مهل چاهيان پنهنجو ليپ
ٽاپ کڻي ڪٿي به ويهي پنهنجو ڪم ڪري سگهان ٿو .منهنجي خيال ۾
جيڪڏهين سندس ڪيل ڪم تي نظر وجهجي ته سندس اها ڳاله حقيقت لڳي
ٿي .نه رڳو هن ڪيترن ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي پر گهڻا ڪتاب سندس
پنهنجي تحقيق جو نتيجو آهن .انهن مان گهڻا ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن جي

هٿن ۾ اچي چڪا آهن .تازو انگريزي ۾ پاڪستان جي عوامي تحريڪن جي
People’s Movements in Pakistanحوالي سان سندس اهم ڪتاب
ڇپجي پڌرو ٿيو آهي جنهن کي سڄي ملڪ ۾ گهڻو ساراهيو ويو آهي .هن
ڪتاب متعلق هن گهڻو اڳ مون سان ذڪر ڪيو هو .سندس چوڻ هو ان
ڪتاب لکڻ جو محرڪ سندس اها ڪاوڙ آهي ته ملڪ ۾ ٻيو ڪو ان اهم
موضوع تي قلم کڻڻ لاء تيار ناهي .مون کيس چيو هو ته جيڪڏهين ڪاوڙ
.تخليق جو ڪارڻ بڻجي ٿي ته اهڙي ڪاوڙ اسان گهڻن کي اچڻ گهرجي
اسلم جيتوڻيڪ اهو ڏيکاء نه ڏيندو آهي پر سندس دوستي ۽ واسطا
پاڪستان جي گهڻن ناليوارن ترقي پسند شخصيتن سان رهيا آهن ۽ انهن
.مان گهڻا عزت سان سندس ذڪر ڪندا آهن
هڪ آزاد منش، هر ڪنهن کي منهن تي چئي ڇڏڻ پوء ڪنهن کي وڻي يا
نه .سندس اها عادت گهڻن کي نه وڻندي آهي ۽ گهڻا ان ڪري سندس ويجهو
به نه ايندا آهن .شايد اهو به هڪ ڪارڻ آهي ته پنهنجي گهڻي تحقيقي ۽
تخليقي ڪم جي باوجود هو جوڳي مڃتا نه ماڻي سگهيو آهي .منهنجو خيال
آهي ته کيس ان شي جي ڪا گهڻي پرواه به ناهي .هو بس پنهنجي ڪم سان
.ڪميٽيڊ آهي جيڪو سندس لاء سندس مڃتا ۽ اطمينان آهي